# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 1998

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1998

# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1998

# THE SINDH PUBLIC COMMSION (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس XI مجريہ 1989 جي ڪجهہ دفعات ۾ ترميم

Amendment of certain Sections of Sindh Ordinance XI of 1989

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1998

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1998

# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1998

# THE SINDH PUBLIC COMMSION (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

[12 ڊسمبر 1998]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1989 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ

ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1998 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس XI مجريه 1989 جي گهڻن دفعات ۾ ترميم
Amendment of certain Sections of Sindh Ordinance XI of 1989

2. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾.

(i) دفعه 3 ۾، دفعه 4 ۾، دفعه 5 جي ذيلي دفعه (1) ۽ دفعه 9 ۾ لفظ ”گورنمينٽ“ جي لاءِ لفظ ”گورنر“ کي متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) دفعه 6 ۾:

a) ڄاڻايل دفعه (1) ۽ (2) ۾ لفظ ”گورنمينٽ“ جي لاءِ لفظ ”گورنر“ جو لفظ متبادل بڻايو ويندو.

b) وضاحت ۾ لفظ ”گورنمينٽ“ لاءِ پهريون پيرو لفظ ”گورنر“ کي متبادل بڻايو ويندو.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**